# سيني کان بلند شان وارا اسان جا نبي

**16-SEPTEMBER-2024**



اجتماعِ میلاد 1446ھ جو بیان

FOR ISLAMIC BROTHERS

اجتماع ميلاد 1446ھ (16 سيپٽمبر 2024/ ٻارهين شريف) جو بيان

# سيني کان بلند شان وارا اسان جا نبي

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... وڏي رحمت عطا ٿيڻ جي رات
- ✿... شانِ رسالت جي يڪتائي(هيڪڙائي)
- ✿... صفاتِ الٰهي جا مظهر
- ✿... تمام جهانن جا نبي

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَۃُ الْعِلْمِیَہ (اسلامک ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ اللّٰه    وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ اللّٰه    وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِکَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

حُجّةُ الاِسلام امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: هڪ دفعي اللّٰه پاڪ پنهنجي نبي حضرت موسیٰ ڪليم اللّٰه عَلَيْهِ السَّلَام ڏانهن وحي موڪلي، فرمايو: "اي موسیٰ! ۞ اوهان جي گفتگو جيتري اوهان جي زبان جي ويجهو آهي ۞ اوهان جا خيال جيترا اوهان جي دل جي ويجهو آهن ۞ اوهان جو روح جيترو اوهان جي بدن جي ويجهو آهي ۞ اوهان جي اکين جو نور جيترو اوهان جي اکين جي ويجهو آهي ۞اوهان جي ٻڌڻ جي طاقت جيتري اوهان جي ڪنن جي ويجهو آهي، جيڪڏهن اوهان چاهيو ٿا ته مان اوهان کي ان کان به وڌيڪ قرب عطا ڪيان ته پوءِ منهنجي محبوب نبي حضرت محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي گهڻو درود پڙهندا ڪيو...!![1]

| | |
|---|---|
| آنکھوں کا تارا نامِ مُحَمَّد | دِل کا اُجالا نامِ مُحَمَّد |
| نُوح و خلیل و موسیٰ و عیسیٰ | سب کا ہے آقا نامِ مُحَمَّد |
| اللہ والا دَم میں بنا دے | اللہ والا نامِ مُحَمَّد (2) |

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪيڏي نه عظيم شان آهي...!! حضرت موسیٰ عَلَيْهِ السَّلَام اللّٰه پاڪ جا نبي آهن،

[1] مكاشفة القلوب، باب فی الریاضة و الشهوة النفسانیة، صفحه:22

[2]... قبالۂ بخشش، صفحه:133، 134 بتقدم و تاخر۔

اُولُو الْعَزْم رسولن مان آهن، يعني اهي 5 انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جيڪي باقي سيني نبين کان افضل آهن، انهن مان هڪ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام به آهن۞ الله پاڪ کين ڪليمُ الله بڻايو۞ پنهنجو ڪلامِ پاڪ کين ٻڌايو۞ ڪوهِ طور تي تجلي فرمائي سندن رتبو ويتر وڌايو۞ اِيتري بلند شان وارا نبي آهن ۞ الله پاڪ جو ڪيترو قرب رکندا هوندا۞ ڪيتري اوچي شان رکندا هوندا۞اسان سندن عزت ۽ رتبي جو تصور به نٿا ڪري سگهون۞اِيتري بلند شان واري نبي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي ارشاد ٿئي رهيو آهي: اي موسيٰ! وڏيڪ قرب چاهيو ٿا ته منهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پڙهندا ڪيو، قرب جي منزلن ۾ وڌ کان وڌ ترقي ڪندا ويندؤ.

خُدا نے اِس قدر اُونچا کیا پایہ مُحَمَّد کا | نہ پہچانا کسی نے آج تک رُتبہ مُحَمَّد کا
وسیلہ ڈھونڈتے ہیں حضرت موسیٰ مُحَمَّد کا | سیہ کاروں کی کیا گنتی کہ درگاہِ اِلٰہی میں

**وضاحت:** الله پاڪ وٽ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جو مقام ۽ مرتبو ايترو بلند آهي جو ڪير به ان کي حاصل نٿو ڪري سگهي، الله! الله! اسان ڪهڙي ڳڻپ ۾ آهيون، الله پاڪ جو قرب حاصل ڪرڻ لاءِ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام به انهن جو وسيلو پيش ڪن ٿا.

پيارا اسلامي ڀائرو! ان مان اندازو لڳايو! اسان جيڪي گنهگار آهيون، خطاڪار آهيون، ڏينهن رات گناهن ۾ ٻڏل آهيون، اسان لاءِ ڪيترو ضروري آهي ته اسين درود پڙهون، ڪثرت سان پڙهون، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جي برڪت سان ۞گناهه ڌوپجي ويندا ۞ دل روشن ٿي ويندي ۞ اخلاق، ڪردار ۽ عادتون سُڌري ويندين ۞ جيڪڏهن الله پاڪ چاهيو ته الله پاڪ جو قرب به ضرور نصيب ٿي ويندو، ۞ دنيا به سُڌي ٿي ويندي ۞ آخرت ۾ به ڪاميابي ملي ويندي. تنهنڪري درود پاڪ ڪثرت سان پڙهڻ جي عادت وجهو! اڄ ئي کان درود پاڪ پڙهڻ شروع ڪريو! اميرِ اهلِ سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اسان کي نيڪ اعمال ۾ ترغيب ڏني ته روزانو (گهٽ ۾ گهٽ)

تہ) گهٽ ۾ گهٽ 313 دفعا درود پاڪ پڙهندا ڪريو. نيت ڪريو! اج ئي کان هن نيڪ عمل کي مضبوطي سان اپنائيندا‌سين، وقت مقرر ڪري روزانو گهٽ ۾ گهٽ 313 دفعا درود شريف لازمي پڙهنداسين. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارو مدار نيتن تي آهي. [1]

اي عاشقانِ رسول! چڱي نيت ٻانهي کي جَنّت ۾ پهچائي ڇڏيندي آهي! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا، مان نيتون ڪرايان ٿو، اوهان دِل ۾ ارادو ڏسو تہ اِنْ شَآءَ الله چئي ان جو اظهار ڪريو *:عِلْمِ دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس *عِلمِ دين جو ادب ڪندي اَدَب سان ويهندس *بيان جا اَهم نڪتا (*Points*)لکي وٺندس *بيان جون جيتريون ڳالهيون ياد رهجي ويون، گھر وڃي گھروارن کي، ٻارن کي، دوست احباب کي ٻڌائي عِلم دِين ڦهلائڻ جو ثواب ڪمائيندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## وڏي رحمت عطا ٿيڻ واري رات

هڪ دفعي اڌ رات جو وقت هو، الله پاڪ جي نبي حضرت عيسىٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي حوارين (يعني سندن تي ايمان آڻڻ وارن خوشنصيبن) نماز ادا ڪئي، پوءِ حضرت عيسىٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي چوڌاري گڏ ٿي ويا. اها هڪ نرالي رات هئي، ڪهڙي رات هئي؟ حضرت عيسىٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي زبان سان ٻڌو!

پاڻ پنهنجي حوارين(يعني سندن تي ايمان آڻڻ وارن خوشنصيبن) کي فرمايو: "اج اها رات آهي جيڪا مسيحا رسول (يعني محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي زماني ۾ ساليانِي جشن طور ملهائي ويندي، ان ڪري مان نٿو چاهيان تہ اج

[1] ...بخاری، کِتَاب بَدءُ الْوَحى، صفحہ:65، حديث:1۔

اسان سمهي رهون بلڪ اڄ اسان پنهنجي ربّ ڪريم جي حضور 100 دفعا مٿو جهڪائيندي نماز ادا ڪنداسين، پنهنجي رب جي حضور سجدو ڪنداسين. وڏيڪ فرمايو: اسان کي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي جو هُن اسان کي هِن رات ۾ هڪ وڏي نعمت عطا ڪئي آهي.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي نبين جي ڪهڙي شان آهي...!! حضرت عيسىٰ عَلَيْهِ السَّلَام اُهي شان وارا نبي آهن، جن جي معجزهءِ علمِ غيب جو الڳ طور قرآن شريف ۾ ذڪر آيو آهي ۽ سندن علمِ غيب جي شان ڏسو! هزارين سال اڳ جي ڳالهه آهي، حضرت عيسىٰ عَلَيْهِ السَّلَام الله پاڪ جي عطا سان، علمِ غيب جي شان سان ان وقت اُمّتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو انداز ڏسي رهيا هئا، عشق جا رنگ ڏسي رهيا هئا، سندن کي اها خبر هئي ته ولادتِ مصطفيٰ جي رات اها عظيم رات آهي جو اُمّتِ مصطفيٰ ان رات جي قدر سڃاڻيندي، پنهنجي آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪمال درجي جو عشق ڪندي، انهن جي ولادت جي رات کي ساليانو جشن طور ملهائيندي.

نہ کیوں آج جھومیں کہ سرکار آئے | خدا کی خدائی کے مختار آئے
نہ کیوں بارہویں پر ہمیں پیار آئے | کہ آئے اِسی روز سرکار آئے
وہ آئے دو عالم کے مختار آئے | لو آج آئے امّت کے غمخوار آئے(2)

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي هڪ ٻي ڳالهه تي غور ڪريو! حضرت عيسىٰ عَلَيْهِ السَّلَام محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اچڻ جي خوشخبري ڏيڻ آيا هئا، جيڪي هي ڄاڻندا هئا ته مون کان بعد هاڻ ڪو ٻيو نبي تشريف نه آڻيندو، صرف ۽ صرف احمد نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي تشريف آڻيندا. اهي هي به ڄاڻندا هئا ته انهن جي ولادت مبارڪ ڪڏهن ٿيندي، ڪهڙي رات تي اهي دنيا ۾ تشريف آڻيندا. اجا پاڻ

[1] انبیائے سابقین اور بشارتِ سید المرسلین، صفحہ:45۔

[2]... وسائلِ بخشش، صفحہ:499۔

ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ تشريف وٺي نہ آيا هئا، هن کان هزارين سال اڳ، عين ولادتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رات جڏهن تہ جشنِ ميلادِ مصطفيٰ جي محفل سڄي پيئي آهي ۽ انداز مبارڪ ڪيڏو نہ عظيم آهي. حضرت عيسىٰ عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجي حوارين کي ان رات جو شڪر ادا ڪرڻ جو حڪم بہ ڏنو ۽ فرمايو: ”اڄ اسان (ميلادِ مصطفيٰ جيڪو ايندڙ صدين ۾ ٿيڻ وارو آهي، ان) جي شڪراڻي ۾ 100 رڪعت نماز ادا ڪنداسين.“

رُسل اُنہیں کا تو مژدہ سنانے آئے ہیں | اُنہیں کے آنے کی خوشیاں منانے آئے ہیں
فرشتے آج جو دُھومیں مچانے آئے ہیں | اُنہیں کے آنے کی شادی رَچانے آئے ہیں
یہ سیدھا راستہ حق کا بتانے آئے ہیں | یہ حق کے بندوں کو حق سے ملانے آئے ہیں[1]

## نصيب چمڪيا آهن دنيا وارن جا

الحمدلله! ۞اڄ اها ئي جشن واري رات آهي۞سڀاڻي عيدن جي عيد آهي۞اڄ عيد رات آهي۞ اڄ اها رات آهي جنهن رات تارا زمين ڏانهن جهڪي آيا هئا۞ڪعبو سلامي ڏيڻ لاءِ جهڪي رهيو هو۞فرشتا مبارڪون ڏيڻ لاءِ سيده آمنہ رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا جي گهر اچي رهيا هئا ۞ قيصر ۽ ڪسريٰ (يعني ان وقت جي طاقتور بادشاهن) جي محلن تي زلزلو طاري هو۞ ها! ها! اڄ اها رات آهي جنهن جي صدقي اونداهيون ختم ٿي ويون۞ نور ئي نور سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويو ۞ رحمت ڇانئجي وئي ۞ بگڙيل حالتون درست ٿي ويون۞نصيب چمڪي ويا ۞ رب جو وڏو فضل ٿيو۞ ٻنهي جهانن جا سردار، مڪي مديني جا تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رَحۡمَةٌ لِلۡعَالَمِيۡنَ بڻجي دنيا ۾ تشريف وٺي آيا.

---

[1]... سامانِ بخشش، صفحہ:137۔

نصیب چمکے ہیں فرشیوں کے کہ عَرش کے چاند آ رہے ہیں
جھلک سے جن کی فلک ہے روشن، وہ شمس تشریف لا رہے ہیں

ہیں وجد میں آج ڈالیاں کیوں؟ یہ رَقْص پتّوں کو کیوں ہے شاید
بہار آئی یہ مژدہ لائی کہ حق کے محبُوب آ رہے ہیں

خُوشی میں سب کی کُھلی ہیں باچھیں، رَچی ہے شادی، مچی ہیں دُھومیں
چرند اِدھر کھلکھلا رہے ہیں، پرند اُدھر چہچہا رہے ہیں

نثار تیری چہل پہل پر ہزار عیدیں ربیعُ الاوّل
سوائے ابلیس کے جہاں میں سبھی تو خوشیاں منا رہے ہیں

شبِ وِلادت میں سب مسلماں نہ کیوں کریں جان و مال قرباں
ابولہب جیسے سخت کافِر خوشی میں جب فیض پا رہے ہیں

زمانہ بھر کا یہ قاعدہ ہے کہ جس کا کھانا، اُسی کا گانا
تو نعمتیں جن کی کھا رہے ہیں، اُنہیں کے ہم گیت گا رہے ہیں

خُدا کے وہ ہیں، خُدائی اُن کی، رَبّ ان کا مولیٰ، وہ سب کے آقا
نہیں خُدا تک رسائی اُن کی جو اِن سے ناآشنا رہے ہیں

پھنسا ہے بحرِ اَلَم میں بیڑا پئے خدا ناخدا سہارا
اکیلا سالکؔ ہیں سب مخالف ہمومِ دنیا ستا رہے ہیں (1)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

[1]... دیوانِ سالک، صفحہ:35تا37 ملتقطاً۔

# سيني کان بلند (اوچي) رتبي وارا نبي

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله! اسان جا آقا ۽ مولا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سيني کان بلند مرتبي وارا نبي آهن. ۞ جيڪو رُتبو ۞ جيڪو مقام ۞ جيڪا فضيلت ۞ جيڪو شان ۞ جيڪا عظمت ۞ جيڪا عزت ۞ جيڪو قرب ۞ جيڪي درجا ۞ جيڪي بلنديون ۽ عروج ربّ رحمٰن، مالڪِ ڪائنات، خالقِ ڪائنات پنهنجي محبوبِ ذيشان، مکي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عطا ڪيا آهن، اهڙو رُتبو، اهڙو مقام، اهڙي عظمت، اهڙي شان، اهڙو قرب، اهڙو عروج نہ پهرين ڪنهن کي مليو آهي، نہ ايندڙ وقت ۾ ڪنهن کي ملي سگهندو.

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| تِلْكَ الرُّسُلُ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ ۘ مِنْهُمْ مَّنْ كَلَّمَ اللّٰهُ وَرَفَعَ بَعْضَهُمْ دَرَجٰتٍ ؕ (پاره:3، سورة بقره:253) | ترجموڪنزُالعرفان: هي رسول آهن اسان انهن مان هڪڙن کي ٻين تي فضيلت ڏني انهن مان ڪنهن سان الله ڪلام فرمايو ۽ ڪو اهو آهي جنهن کي سيني تي درجا بلند ڪيائين. |

هن آيتِ ڪريمہ ۾ صاف فرمايو ويو:

وَرَفَعَ بَعْضَهُمْ دَرَجٰتٍ ؕ

يعني هڪ نبي اهڙو آهي، جنهن کي سيني نبين سڳورن عَلَيْهِمُ السَّلَام تي ڪيترا ئي درجا بلندي عطا ڪئي وئي آهي، علمِ تفسير جي سيني عالمن جو اتفاق

آهي ته اهو هڪ نبي جنهن کي سيني تي فضيلت ڏني وئي آهي، ان مان مراد منهنجا ۽ توهان جا آقا، محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن[1].

انهيءَ ڪري ته اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

سب سے اَوْلیٰ و اَعْلیٰ ہمارا نبی | سب سے بالا و والا ہمارا نبی
خَلْق سے اَوْلیا، اَوْلیا سے رُسُل | اور رسولوں سے اعلیٰ ہمارا نبی (2)

وضاحت: ڪمال ڪيو آهي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه...!! شعر جو وزن به نه ٽٽو، لفظن جو حُسن به پنهنجي جڳهه تي برقرار آهي، ادب جا به سمورا تقاضا پورا آهن، پوءِ ان سان گڏ ترتيب به ڏسو! ڪيتري پياري آهي. ۞ سيني ڪان پهريون رُتبو عام مخلوق جو آهي ۞ عام مخلوق ڪان اولياءِ ڪرام افضل آهن ۞ سيني امتن ۾ سڀ ڪان بلند رُتبو حضرت صديق اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو آهي ۞ اُن ڪان بلند رُتبو انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جو آهي ۞ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام ڪان بلند رُتبو رسولن جو آهي ۞ پوءِ رسولن ۾ سيني ڪان بلند رُتبو اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو آهي.

خُدا کے بعد افضل جاننا تم کو دو عالم سے | یہی تو ہے ہمارا دِین و ایماں یارسول اللہ!

## اهڙي شان ڪنهن کي نه ملي

پيارا اسلامي ڀائرو! آيتِ ڪريمه تي ٿورو غور فرمايو! الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَرَفَعَ بَعْضَهُمْ دَرَجٰتٍ ؕ (پاره:3، سورهٔ بقره:253) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ ڪو اهو آهي جنهن کي سيني تي درجا بلند ڪيائين. |

---

[1] تفسيرِڪبير، پاره:3، سورهٔ بقره، زيرآيت:253، جلد:2، صفحه:521 مفهوماً۔

[2] ...حدائقِ بخشش، صفحه:138 ملتقطاً۔

هتي ڏسو! اللّٰه پاڪ هي ته ٻڌائي ڇڏيو ته مَحبُوب مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سيني نبين کان افضل آهن پر سندن نالو ذڪر نه فرمايو. ان ۾ ڪهڙي حڪمت آهي...؟ هي به وڏي ايمان اَفروز ڳالهه آهي، علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: نالي جي ضرورت اُتي هوندي آهي، جتي هن شان جهڙو ٻيو به موجود هجي، جيڪڏهن هن شان جو مالڪ هڪ ئي هجي ته نالو وٺڻ جي ضرورت ناهي هوندي، هونئن ئي ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويندي آهي.[1]

سادو مثال عرض ڪيان: جيڪڏهن مان چوان: ❁ منهنجو خالق اهو آهي، جنهن هي آسمان بڻايو آهي. اوهان سمجهي ويندا ته مان ڪنهن جي ڳالهه ڪري رهيو آهيان، آسمان بڻائڻ واري ذات هڪ ئي آهي، لهٰذا نالو وٺڻ جي ضرورت پيش نه آئي، مان چوان ٿو: مون کي رزق ڏيڻ وارو اهو ئي آهي، جيڪو تمام جهانن کي رزق ڏي ٿو، اوهان سمجهي ويندا، سيني جو پالڻ وارو، سيني جو خالق، سيني جو رازق صرف و صرف اللّٰه پاڪ آهي، ڪو ٻيو آهي ئي نه، لهٰذا نالو نه به ورتو وڃي تڏهن به ذهن هڪ ئي طرف ويندو، خبر پئي: جڏهن هن شان واري ذات هڪ ئي هجي ته نالو وٺڻ جي ضرورت پيش ناهي ايندي، لهٰذا اللّٰه پاڪ ❁ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي شان ذڪر ڪئي ته نالو ورتو ❁ حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام جي شان ذڪر ڪئي ته نالو ورتو ❁ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي شان ذڪر ڪئي ته نالو ورتو ❁ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي شان ذڪر ڪئي ته نالو ورتو ❁ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي شان ذڪر ڪئي ته نالو ورتو ❁ پر جڏهن نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو وارو آيو ته ان جو نالو نه ورتو بلڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَرَفَعَ بَعْضَهُمْ دَرَجٰتٍ ؕ (پاره:3، سورة بقره:253) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ ڪو اهو آهي جنهن کي سيني تي درجا بلند ڪيائين. |

[1] انوارِ جمالِ مصطفےٰ، تجلی اليقين، تفسير نعيمی۔

ڄڻ تہ هي ٻڌايو پيو وڃي تہ سيني کان اَفضل نبي هڪ ئي آهي، لھٰذا ناڻو نہ بہ ورتو وڃي تہ ذهن هڪ ئي طرف ويندو آهي، سيئي سمجهي ويندا آهن تہ بيشمار ۽ عظيم الشان درجن وارو نبي حضرت محمد صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم آهي، اهو ئي سيني کان افضل آهي.[1]

| | |
|---|---|
| سارے اچھوں سے اچھا سمجھئے جسے | ہے اُس اچھے سے اچھا ہمارا نبی |
| سارے اُونچوں سے اُونچا سمجھئے جسے | ہے اُس اُونچے سے اُونچا ہمارا نبی |
| ملکِ کونین میں انبیا تاجدار | تاجداروں کا آقا ہمارا نبی (2) |

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اي مَحْبُوب! اوهان کي ڪهڙي فضيلت ملي.....؟

حضرت سلمان فارسي مشهور صحابي رسول آهن، سندن فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو ڪنهن پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ! ❁ الله پاڪ حضرت موسيٰ عَلَیۡہِ السَّلَام کان ڪلام فرمايو ❁ حضرت عيسيٰ عَلَیۡہِ السَّلَام کي روح القدس مان (يعني پنهنجي ڪامل قدرت سان بنا پيءُ جي) پيدا فرمايو، ❁ حضرت ابراهيم عَلَیۡہِ السَّلَام کي پنهنجو خليل ٺاهيو ❁ حضرت آدم عَلَیۡہِ السَّلَام کي بُزرگي عطا فرمائي، اوهان کي ڇا خاص فضيلت عطا ڪئي وئي؟ حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: هن کان پهريان جو رسولِ خُدا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ڪو جواب ارشاد فرمائن ها، يڪدم جبريلِ اَمين عَلَیۡہِ السَّلَام حاضر ٿي ويا، ربّ ڪائنات جو پيغام کڻي آيا، عرض ڪيو: الله پاڪ فرمائي ٿو: اي پيارا محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم! ❁ جيڪڏهن مون ابراهيم عَلَیۡہِ السَّلَام کي خليل ٺاهيو آهي تہ ان کان گهڻو پهريان اوهان کي پنهنجو حبيب ٺاهيو هو ❁ جيڪڏهن

[1] فتاویٰ رضويہ، جلد:30، صفحہ:151بتصرف۔

[2]...حدائقِ بخشش، صفحہ:139، 140 بتقدم و تاخر۔

مون موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام ڪان زمين تي ڪلام ڪيو تہ اوهان کي آسمان تي گهرائي ڪلام جو شرف بخشيو ❁ جيڪڏهن حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام کي روح القدس مان (يعني پنهنجي ڪامل قدرت سان بنا پيءُ جي) پيدا فرمايو آهي تہ اوهان جو نالو مخلوق جي پيدائش ڪان 2 هزار سال پهريان پيدا ڪري ڇڏيو هو ❁ اي محبوب صَلَّى الله عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان جا قدم مبارڪ آسمانن ۾ اُتي پهتا، جتي نہ پهريان ڪنهن جا قدم اتي پهتا هئا، نہ اوهان ڪان بعد ڪنهن جا پهچندا ❁ اي محبوب صَلَّى الله عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم! جيڪڏهن مون آدم کي بُزرگي ڏني تہ اوهان تي نبوت جو سلسلو ختم ڪيو، اي پيارا حبيب صَلَّى الله عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجي ويجهو اوهان ڪان وڌيڪ عزت وارو مون ڪنهن کي ناهي بڻايو، مون دُنيا انهيءَ ڪري بڻائي تہ ماڻهو اوهان جي عزت ۽ عظمت کي ڏسن، وَلَوۡ لَاكَ لَمَا خَلَقۡتُ الدُّنۡيَا اي محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان نہ هجو ها تہ مان دنيا ئي نہ بڻايان ها.

سُبۡحٰنَ الله! ڇا شان آهي منهنجي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي....!! پوءِ اسان ڇو نہ چئون:

زمین و زماں تمہارے لئے مکین و مکاں تمہارے لئے
چُنین و چُناں تمہارے لئے بنے دو جہاں تمہارے لئے
دَہن میں زباں تمہارے لئے بدن میں ہے جاں تمہارے لئے
ہم آئے یہاں تمہارے لئے اٹھیں بھی وہاں تمہارے لئے
کَلیم و نَجی مَسیح و صَفی خلیل و رَضی رسول و نبی
عَتیق و وَصی غَنی و علی ثَنا کی زباں تمہارے لئے
اِصالتِ کل امامتِ کل سیادَتِ کل اِمارتِ کل
حکومتِ کل وِلایتِ کل خُدا کے یہاں تمہارے لئے

تمہاری چمک تمہاری دمک تمہاری جھلک تمہاری مہک
زمین و فلک سماک و سمک میں سکہ نشاں تمہارے لئے (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ٻڌي ڇڏيو...! مان الله پاڪ جو حبيب آهيان

حديثِ پاڪ جي مشهور ڪتاب ترمذي شريف ۾ حديث پاڪ آهي، صحابي رسول حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہ عَنْھُما فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ عَنْھُم گڏ ويٺا هئا، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي آمد جو انتظار ڪري رهيا هئا، انهيءَ دوران انهن علمي گفتگو ڪرڻ شروع ڪئي. هوڏانهن پيارا آقا، رسولِ خدا صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم بهي تشريف فرما ٿيا. جڏهن حضور صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم صحابہ جي قريب آيا تہ رڪجي ويا، انهن جي ڳالهين کي ٻڌڻ لڳا، ڪهڙيون ڳالهيون ڪري رهيا هئا: ۞ هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ چيو: ڪيتري حيرت جي ڳالهہ آهي، الله پاڪ حضرت ابراهيم عَلَیْہِ السَّلَام کي پنهنجو خليل بڻايو آهي. ۞ ٻئي صحابي چيو: ڪيتري تعجب جي ڳالهہ آهي جو الله پاڪ حضرت موسیٰ عَلَیْہِ السَّلَام کي ڪليم بڻايو آهي. ۞ ٽئين صحابي چيو: ڪيتري حيرت جي ڳالهہ آهي، الله پاڪ حضرت عيسیٰ عَلَیْہِ السَّلَام کي روحُ الله ۽ ڪلمةُ الله بڻايو آهي. ۞ چوٿين صحابي چيو: ڪيتري عجيب ڳالهہ آهي، الله پاڪ حضرت آدم عَلَیْہِ السَّلَام کي صَفِيُّ الله بڻايو آهي.

انهن ڳالهين کي ٻڌڻ کان پوءِ پيارا آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف فرما ٿيا ۽ ارشاد فرمايائون: اي منهنجا صحابہ! مون اوهان جون سيئي ڳالهيون ٻڌيون آهن. اوهين چئو ٿا: ۞ ابراهيم عَلَیْہِ السَّلَام الله پاڪ جا خليل آهن، يقينًا هو انهيءَ شان وارا هئا. ۞ اوهين چئو ٿا: موسیٰ عَلَیْہِ السَّلَام ڪليمُ الله آهن،

[1]... وسائلِ بخشش، صفحہ:348 ملتقطاً۔

يقينًا هو انهيءَ شان وارا هئا ۔ اوهين چئو ٿا: عيسىٰ عَلَيۡهِ السَّلَام روحُ الله آهن، ها! بيشڪ هو انهيءَ شان وارا هئا اوهين چئو ٿا: آدم عَلَيۡهِ السَّلَام صفيُ الله آهن، ها! بيشڪ انهن جي اها ئي شان آهي. اَلَا وَ اَنَا حَبِيۡبُ اللهِ وَ لَا فَخۡرَ يعني اي منهنجا صحابہ ٻڌي ڇڏيو! مان الله جو حبيب آهيان ۽ مان هي ڳالهه فخر طور نٿو چوان قيامت جي ڏينهن حمد جو جهنڊو منهنجي هٿ ۾ هوندو ۽ مان هي ڳالهه فخر طور نٿو چوان ۔ قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهرين مان ئي شفاعت ڪندس ۔ منهنجي ئي شفاعت سڀ کان پهريان قبول ڪئي ويندي، مان هي ڳالهه فخر طور نٿو چوان ۔ وڌيڪ فرمايائون: "اَنَا اَكۡرَمُ الۡاَوَّلِيۡنَ وَ الۡاٰخِرِيۡنَ وَلَا فَخۡرَ" مان اڳين ۽ پنين سيني کان وڌيڪ عزت وارو آهيان، پر مان هي ڳالهه فخر طور نٿو چوان[1]".

| | |
|---|---|
| الله نے محبوب کو بےمثل بنایا | ممکن ہی نہیں ہو کوئی ہم شانِ مُحَمَّد |
| مخلوق کو معلوم ہو کیا اُن کی حقیقت | رَبّ جانتا ہے شانِ مُحَمَّد |
| محبوبِ خُدا، حاکمِ مخلوقِ اِلٰہی | مخلوقِ خُدا تابعِ فرمانِ مُحَمَّد (2) |

وضاحت: الله پاڪ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهڙو بي مثال ٺاهيو جو سندن جهڙو ٻيو ڪو ٿي ئي نٿو سگهي. پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ڪي مخلوق ڇا ڄاڻي؟ سندن اصلي شان ته رب پاڪ کي ئي معلوم آهي. پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جي مخلوق جا حاڪم آهن ۽ سڀ ماڻهو سندن ڳالهه مڃڻ جا پابند آهن.

## ٻيا آهن پاهر جا دوست

پيارا اسلامي ڀائرو! هن جاءِ تي پياري آقا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سيني نبين تي پنهنجي فضيلت کي بيان ڪيو، جنهن مان معلوم ٿيو ته صَفِيُّ

[1] ترمذی، ابواب المناقب عن رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم ، صفحہ:827، حديث:3625 ۔
[2] ...قبالۂ بخشش، صفحہ:130، 131 ملتقطاً۔

الله هجڻ بہ وڏي شان آهي، خَلِيْلُ الله هجڻ بہ وڏي شان آهي، کَلِيمُ الله هجڻ بہ وڏي شان آهي، روحُ الله هجڻ بہ وڏي شان آهي، پر حبيبُ الله هجڻ سيني کان وڏي شان آهي.

پوري مخلوق ۾ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي کهڙي شان آهي ان کي سيدي اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ شعر ۾ ان کي بيان ڪيو، لکن ٿا:

مغز ہو تم اور پوست اور ہیں باہر کے دوست | تم ہو درونِ سَرا تم پہ کروڑوں دُرود[1]

وضاحت: جيتوڻيڪ مغز ۽ ڇلڪو ملي ڪري ئي ميوو وغيره بڻجندو آهي، پر مغز جي اهميت ڇلڪي کان وڌيڪ هوندي آهي. اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: "يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان جي مثال هن جهان ۾ مغز جيان آهي، ۽ باقي سڀ ڇلڪي جيان آهن. باقي سڀ ٻاهر وارا آهن، اوهان گهر وارا آهيو. اوهان الله پاڪ جي رازن جا رازدار آهيو. اوهان تي ڪروڙين درود هجن.

سُبْحٰنَ الله! ڪيتري سادگي سان ڳالهہ سمجهائي وئي آهي، مطلب اهو آهي تہ جيڪو حبيب هوندو آهي، ان کي خاص تنهائين ۾ بہ پاڻ سان گڏ رکيو ويندو آهي. بِلا تمثيل (يعني رڳو سمجهائڻ لاءِ عرض ڪري رهيو آهيان) الله پاڪ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام سان ڪلام فرمايو، پردي ۾ فرمايو، حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام تي وحي آئي، فرشتي جي ذريعي آئي. حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام تي وحي آئي، فرشتي جي ذريعي آئي. حضرت موسیٰ عَلَيْهِ السَّلَام سان ڪلام فرمايو، پردي ۾ فرمايو .حضرت عيسیٰ عَلَيْهِ السَّلَام تي وحي آئي، فرشتي جي ذريعي آئي، پر هي محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن جو جن کي الله پاڪ معراج جي رات خاص

[1]...حدائقِ بخشش، صفحہ:265۔

تنهائي ۾ گهرائي پنهنجو ديدار به ڪرائي ڇڏيو، بي پرده ڪلام جو شرف به عطا فرمايو.

طور پہ کہا ربّ نے لَنۡ تَرَانِی اے موسیٰ! | مگر میرے آقا کو عرش پہ بلایا ہے

## تنهنجون ڳالهيون ئي ٻڌائڻ آيو.

الله پاڪ جو نبي حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام وڏي شانن وارو نبي آهي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ بيان ڪيو آهي ته سندن اهو شان هيو جو جڏهن پيدائشي انڌن کي هٿ لڳائيندا هئا ته الله پاڪ انهن کي اکين جو نور عطا ڪري ڇڏيندو هو. ڪنهن ڪوڙهه جي مرض واري کي هٿ لڳائيندا هئا ته اُن کي حسن ۽ جمال سان نوازي ڇڏيندا هئا. مٽي جي پکين تي ڦوڪ هڻندا هئا ته اهي حقيقي پکي بڻجي ويندا هئا. غيب جون خبرون ٻڌائيندا هئا. مئلن کي زنده ڪري ڇڏيندا هئا. اهڙي عظيم شان وارا نبي هئا.

جڏهن حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام نبوت جو اظهار ڪيو ۽ اهڙا عظيم معجزا ڏيکارڻ شروع ڪيا ته ڪنهن پڇيو: ”اَاَنۡتَ هُوَ الۡاٰتِیۡ الۡمُنۡتَظَر“ يعني اوهان ايڏا وڏا معجزا ڏيکاري رهيا آهيو، ڪٿي اوهان ئي ته اهي آخرُ الزَّمان نبي ته ناهيو، جن جي اچڻ جو صدين کان انتظار ٿي رهيو آهي؟

حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جيڪو جواب ڏنو، اها وڏي ايمان اَفروز ڳالهه آهي. فرمايائون: "نه...!! مان اهو محبوب نبي نه آهيان، مان ته انهن جي اچڻ جي خوشخبري ٻڌائڻ آيو آهيان. البت! مان الله پاڪ جي عطا سان :۞ انڌن کي شفا ۞ ڪوڙهين کي حسن و جمال ۞ ۽ مُئلن کي ٻيهر زندگي ان لاءِ ڏئي رهيو آهيان ته جيئن ماڻهو مون تي يقين ڪن ۽ سمجهي وٺن ته جڏهن

آمد(سرڪار جي اچڻ) جي خوشخبري ٻڌائڻ وارو ايڏي شان وارو آهي تہ پاڻ اچڻ واري جي شان جو عالم ڇا هوندو...؟

وہ ختمُ الانبیا تشریف فرما ہونے والے ہیں
نبی ہر ایک پہلے سے سُناتا یہ خبر آیا

سُبْحٰنَ اللّٰه! ۞ هي آهي حبيب ۽ خليل ۾ فرق...!! ۞ هي آهي حبيب ۽ ڪليم جو فرق...!! ۞ هي آهي حبيبُ اللّٰه ۽ روحُ اللّٰه جو فرق!!...
۞ صَفِيُّ اللّٰه اهي آهن، جيڪي انهن جو پاڪ نالو ڇمي اکين سان لڳائيندا آهن ۞خليلُ اللّٰه اهي آهن، جيڪي انهن جي اچڻ جون دعائون ڪندا آهن .
۞ڪليمُ اللّٰه اهي آهن، جيڪي انهن جا اُمتي ٿيڻ جون التجائون ڪندا آهن .
۞روحُ اللّٰه اهي آهن جيڪي انهن جي اچڻ جون خوشخبريون ٻڌائيندا آهن .۞ ۽ حبيبُ اللّٰه اهي آهن جيڪي سيني جا شان وڌائن ٿا ۽ امامُ الانبياء ٻڻجي تشريف ڪٽي اچن ٿا.

## شانِ رسالت جي يڪتائي (هيڪڙائي)

سيدي اعلىٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بہ ڇا خوب لکيو:

سب سے اَوّل سب سے آخر | ابتدا ہو انتہا ہو
تھے وسیلے سب نبی تم | اَصْلِ مَقْصُودِ ہُدیٰ ہو
پاک کرنے کو وُضُو تھے | تم نمازِ جَاںفِزا ہو
سب بشارت کی اَذاں تھے | تم اَذاں کا مُدّعا ہو
قُربِ حق کی منزلیں تھے | تم سفر کا مُنْتَہیٰ ہو

سب تمہارے دَر کے رستے | ایک تم راہِ خُدا ہو
سب کی ہے تم تک رسائی | بارگہ تک تم رسا ہو (1)

وضاحب: **يارسول الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم! سڀني کان پهريان نبي به اوهان آهيو ڇو ته جڏهن حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي تخليق به نه ٿي هئي اوهان کي نبوت عطا ڪئي وئي هئي. آخري نبي به اوهان آهيو، نبوت ۽ رسالت جي ابتداء به اوهان کان آهي ۽ انتهاء به اوهان تي آهي. ۞ سڀئي نبي وسيلو هئا، هدايت جو اصل مقصد اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم آهيو. ۞ جيئن نماز پڙهڻ لاءِ پهرين وضو ڪيو ويندو آهي، تيئن پهريان جيترا نبي آيا اهي سڀئي وضو جيان هئا جيڪي مخلوق کي پاڪ ڪندا پئي آيا ۽ اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جڻ ته اها نماز آهيو جنهن لاءِ زماني کي وضو ڪرايو پئي ويو. ۞ سڀئي نبي خوشخبريون ٻڌائيندا اچي رهيا هئا، سڀئي نبي پنهنجي امت کي اهو ٻڌائيندا اچي رهيا هئا ته انسانو! جلد ئي هڪ نبي اچڻ وارو آهي، **يارسول الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم! تمام نبي جن جي اچڻ جو اعلان ڪري رهيا هئا، اوهان ان اعلان جا مدّعا(مقصد) آهيو. ۞ جيئن ڪنهن ڏورانهين سفر تي وڃڻو هجي ته رستي ۾ ڪيترين جڳهن تان گذرڻو پوندو آهي، ڪيترين ئي منزلن تي رڪڻو هوندو آهي، ائين ئي **يارسول الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم !الله پاڪ جي قرب جي سفر ۾ سڀئي نبي رستي جون منزلون هئا، اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم ان سفر جي آخري منزل آهيو. ۞ سڀئي نبي اهو ٻڌائڻ آيا ته هڪ نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم تشريف وٺي اچڻ وارا آهن، اسان کان انهن تي ايمان آڻڻ جو وعدو ورتو ويو آهي، اي انسانو! جيڪڏهن توهان انهن جو زمانو ماڻيو ته انهن تي ايمان آڻجو. يعني سڀئي اوهان جي در جو رستو ٻڌائيندا رهيا، اوهين ئي راهِ خدا آهيو.

---

[1]... حدائق بخشش، صفحه:341-342 ملتقطًا.

## صفاتِ الٰهيءَ جا مظهر

ترمذي شريف ۾ هڪ روايت آهي، علماءِ ڪرام ان روايت جي وضاحت ڪئي آهي. ان تشريح کي سامهون رکندي مان اوهان کي هي روايت ٻڌايان ٿو. رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جا صحابي آهن: حضرت ابو رَزِين رضي الله عنہ. سندن پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ سوال ڪيو: اَيۡنَ كَانَ اللّٰهُ قَبۡلَ اَنۡ يَخۡلُقَ خَلۡقَهٗ يعني يارسول الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم! ۞ هاڻي هي جهان موجود آهي، پوري ڪائنات موجود آهي، ان جي ذرن ذرن ۾ الله پاڪ جي قدرتن ۽ صفتن جو اظهار نظر اچي ٿو، اوچا اوچا جبل ڏسو، الله پاڪ جي قدرت ياد ايندي آهي. ننڍي ڪِوِل کان وٺي هاٿين تائين، وڏن وڏن جانورن کي ڏسو، انهن سڀني کي رزق ملي رهيو آهي، ان ۾ الله پاڪ جي رزّاق هجڻ جي صفت جو اظهار نظر اچي ٿو. ماءُ جي محبتن کي ڏسو، پيءُ جي شفقتن کي ڏسو ان ۾ الله پاڪ جي رحمتن جو اظهار نظر اچي ٿو. مطلب تہ تمام مخلوق ۾ الله پاڪ جي صفتن جو ڪنهن حد تائين اظهار نظر اچي ٿو پر سوال اهو آهي تہ ۞ جڏهن هي زمين بہ نہ هئي ۞ آسمان بہ نہ هيو ۞ مخلوق بہ نہ هئي ۞ انسان، جن ۽ ملائڪ بہ نہ هئا، ۞ ڪجهہ بہ نہ هو، فقط الله پاڪ جي ذات هئي، يارسول الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ! اُن وقت الله پاڪ جي صفتن جو اظهار ڪٿي ٿي رهيو هو؟

سوال ڏاڍو نرالو آهي، ڏاڍو دلچسپ ۽ ڄاڻ ڏيندڙ بہ آهي. هاڻي ان جو جواب ٻڌو! رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: كَانَ فِيۡ عَمَاءٍ يعني ۞ جڏهن نہ زمين هئي ۞ نہ آسمان هو ۞ ۽ نہ ڪا ٻي مخلوق هئي ان وقت هڪ بادل(ڪڪر) نما شيءِ هئي الله پاڪ جي صفتن جو اظهار ان ۾ ٿي رهيو هو.

اها بادل نما شيءِ ڪهڙي هئي؟ عُلَماءِ ڪرام بيان ڪندا آهن ته اها بادل نما شيءِ محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جو نور مبارڪ هو. ان ۾ ربّ ڪريم جي سيني صفتن جو ظهور هو.[1]

تم سے خُدا کا ظہور، اس سے تمہارا ظہور | لِمُ ہے یہ، وہ اِن ہوا، تم پہ کروڑوں درود[2]

وضاحت: هي وڏي باريڪ ڳالهه آهي، هڪ هوندي آهي: دليل لمّي ۽ هڪ هوندي آهي: دليل اِنِّي. مان ان کي ٿورو مثال سان آسان ڪري سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو، ايئن سمجهو ته پري کان ڪٿي اوهان کي دونهون اٿندي نظر اچي، اوهان فوراً سمجهي ويندا ته ڪٿي باهه لڳل آهي. حالانڪ اوهان باهه کي ڏٺو ناهي، شعلا اٿندي نظر نه آيا، ڪنهن اچي ٻڌايو نه، اوهان صرف دونهون ڏٺو ۽ ڄاڻي ورتو ته ڪٿي باهه لڳل آهي. اهڙي طرح جڏهن اسان ڪٿي باهه ٻرندي ڏسندا آهيون ته سمجهي ويندا آهيون ته باهه آهي ته دونهون به هوندو، مثال جي طور تي اَڄڪلهه اهو دور ته ناهي رهيو پوءِ به جيڪڏهن اسان گهر ۾ ميڻ بتي ٻاريون ته ٿورو احتياط سان ٻاري ويندي آهي ته ڪٿي ميڻ بتي جي ڪري ديوار ڪاري نه ٿي وڃي، يعني اسان سمجهندا آهيون، ڄاڻيندا آهيون ته باهه ٻرندي ته دونهون اٿندو يعني هي 2 پهلو آهن، (1) دونهين کي ڏسي ڪري باهه کي سڃاڻي ورتو، ان کي چوندا آهن: دليل لمّي. (2) ٻيو پهلو آهي: باهه کي ڏسي ڪري دونهي جي سڃاڻپ ڪري وٺڻ، ان کي چوندا آهن: دليل اِنّي.

سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه فرمائي رهيا آهن:

تم سے خُدا کا ظہور، اس سے تمہارا ظہور | لِمْ ہے یہ، وہ اِن ہوا، تم پہ کروڑوں درود

[1] مجموع لطيف اُنسى، رسالة:اعلام جہال بحقيقة الحقائق باسنة نصوص كلام سيد الخلائق، صفحہ:19، 20۔

[2] ... حدائقِ بخشش، صفحہ:267۔

يعني: اي پيارا محبوب صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ربّ ڪريم اوهان کي اهڙو بي مثال ۽ باڪمال بڻايو آهي جو اوهان جي شان پڙهون تہ ربّ جي توحيد ياد اچي وڃي ٿي ۽ ربّ رحمٰن جي توحيد کي پوري طرح سمجهي وٺون تہ اوهان جي شان ۽ عظمت سمجهہ اچي ويندي آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! ❁ هي آهي حبيب ۽ خليل جو فرق..! ❁ هي آهي حبيب ۽ ڪليم جو فرق..!! حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کان وٺي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تائين تمام انبياءِ ڪرام عَلَيْهِم السَّلَام اوچي شانن وارا آهن ❁ اوچي مرتبي وارا آهن، پر قربان وڃو! محبوب جي ڪهڙي شان آهي؟ انهن نبين سڳورن عَلَيْهِم السَّلَام جا اڃا روح بہ تخليق نہ ٿيا هئا، ان کان پهريان ئي محبوب اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ نور الله پاڪ جي جملہ صفات جو مظهر بڻجي چڪو هو.

تُو ہے خورشیدِ رسالت پیارے، چھپ گئے تیری ضیامیں تارے
انبیا اور ہیں سب مہ پارے، تجھ سے ہی نور لیا کرتے ہیں (1)

## تمام جهانن جا نبي

پيارا اسلامي ڀائرو! محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هڪ شان الله پاڪ هيءَ بہ بيان ڪئي آهي. ارشاد آهي:

| | |
|---|---|
| لِيَكُوْنَ لِلْعٰلَمِيْنَ نَذِيْرَا ۙ۝۱<br>(پاره:18 سورة فرقان:1) | ترجمو ڪنزالعرفان: تہ جيئن هو سڀني جهان وارن کي ڊيڄاريندڙ هجي. |

هن آيتِ ڪريمہ مان ثابت ٿيو تہ محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀني جهانن جا نبي آهن، هن ۾ بہ محبوبيت جي شان جو اظهار آهي. اعلىٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: ڪم جيترو وڏو هوندو، ان جي ذميواري بہ اوتري وڏي

[1] ... حدائقِ بخشش،صفحہ:112۔

ذيشان کي ڏني ويندي آهي. اللّٰه پاڪ سيني انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام کي هڪ هڪ قوم ۽ هڪ هڪ خطي جو نبي بڻايو پر محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم کي اهو شان عطا ڪيو جو جيتري مخلوق ۽ جيترا جهان آهن، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم کي سيني جو نبي بڻايو. ان مان خبر پوي ٿي تہ هڪ خطي ۽ سيني جهانن ۾ جيترو فرق آهي، محبوبِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جو شان بہ سيني نبين جي شان کان ايترو ئي وڌيڪ آهي.[1]

## نبي ۽ امتي جو بنيادي فرق

پيارا اسلامي ڀائرو! امام فَخۡرُ الدّين رازي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه وڏي پياري تحقيق ڪئي، لکن ٿا: (جيتوڻيڪ نبوت ڪسبي ناهي، اعمال سان حاصل نٿي ڪري سگهجي، هي خاص اللّٰه پاڪ جو انتخاب آهي، البت) رَبِّ ڪريم جن کي نبوت لاءِ منتخب فرمائيندو آهي، اهو ضروري آهي تہ هو روحاني طاقت ۾ بہ ۽ جسماني طاقت ۾ بہ پنهنجي اُمّت کان وڌيڪ هجي. لهٰذا ❁ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام کي رفتار، ڏسڻ، ٻڌڻ، چکڻ، سونگهڻ، ڇُهڻ، عقل ۽ فهم جي طاقت بہ سڄي اُمّت کان وڌيڪ ڏني ويندي آهي. ❁ پوءِ ان سان گڏوگڏ انهن جو روح بہ تمام ماڻهن کان وڌيڪ پاڪ صاف ۽ لطيف هوندو آهي.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي سمجهڻ جي ڳالهہ آهي، اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۞ سيني جهانن جا نبي آهن ۞ فرشتن جا بہ نبي آهن ۞ نبيّن جا بہ نبي آهن ۞ رسولن جا بہ نبي آهن ۽ ۞ سڄي مخلوق جا نبي آهن، هي سيئي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا امتي آهن ۽ اسان پڙهي چڪا آهيون: نبي جي ڏسڻ جي طاقت امت کان وڌيڪ هوندي آهي ۞نبي جي ٻڌڻ جي طاقت امت کان وڌيڪ هوندي آهي ۞ نبي جي چکڻ جي طاقت، سونگهڻ جي طاقت، ڇُهڻ جي طاقت، عقل،

---

[1] فتاویٰ رضويہ، جلد:30، صفحہ:145، 146 ملخصاً۔

[2] تفسيرِ ڪبير، پاره:3، سورۂ آل عمران، زيرِ آيت:33، جلد:3، صفهہ:199، 200 ملخصاً

فهم، ۽ سمجھڻ جي طاقت امت کان وڌيڪ هوندي آهي ۽ ۞ نبي جو روح امت جي روح کان گھڻو پاڪيزه ۽ لطيف هوندو آهي.

هن مان خبر پئي ته سڄي مخلوقات ۾ ۞ جھڙي اک محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم کي عطا ڪئي وئي آهي، اهڙي اک ڪنهن کي به نه ملي، ۞ جھڙا ڪن مبارڪ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم کي عطا ٿيا، اهڙا ڪن ڪنهن کي به نه ڏنا ويا، ۞جھڙي سونگھڻ جي طاقت پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم کي عطا ڪئي وئي، اهڙي طاقت نبين ۽ ملائڪن کي به نه ملي، ۞ جھڙي چُکڻ جي طاقت پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم کي عطا ڪئي وئي، اهڙي طاقت نبين ۽ ملائڪن کي به نه ملي، ۞ جھڙي عقل پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي عطا ٿي، اهڙي ڪنهن کي به نه ڏني وئي، ۞ جھڙي مقدس روح پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي عطا ٿي، اهڙي مقدس روح به ڪنهن ٻئي جي نه آهي.

اچو! پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جي انهن خاص شانن جو ڪجھ ٿورو بيان ٻڌون ٿا:

## (1) محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ رفتار

سيني ڪان پهريان پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جي مبارڪ رفتار کي ڏسو. اسان ڄاڻون ٿا ته پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم رات جي هڪ مختصر حصي ۾ معراج تي ويا ۽ پوءِ واپس به اچي ويا. وقت ڪيترو گذريو هو، اجا مبارڪ بسترو گرم هو، دروازي جي ڪنڍي هِلي رهي هئي، وضو جو پاڻي وهي رهيو هو.

هيءَ مبارڪ رفتار ڪيتري ٻڌجي ٿي، ان جو اسان سرسري جائزو وٺي ڏسون ٿا. اعلٰي حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ۞ زمين کان سِدْرَةُ الْمُنتهيٰ جو فاصلو 50 هزار سالن جو آهي ۞ ان کا اڳتي مُسْتَويٰ آهي ۞ ان کان بعد جي خبر الله ڄاڻي ۞ ان کان اڳتي عرش جا 70 حجاب آهن ۞ هر حجاب کان ٻئي حجاب تائين 500 سالن جو فاصلو آهي[1] ۞ اهو ڪُل ملائي ڪري 35 هزار سالن جو فاصلو ٿيو۞ 35 هزارن سالن جو رستو هي۞ 50 هزار سالن جو

[1]...ملفوظات اعلی حضرت، صفحہ:439۔

رستو زمين کان سِدرةُالمنتهيٰ تائين هي کُل 85 هزار سال جو فاصلو ٿيو ۞ وري سِدرةُ المنتهيٰ کان عرش جي حجابن تائين ڪيترو فاصلو اهو ڪو نٿو ڄاڻي.

هلو هاڻي! اسان سڀ کان سست رفتار سفر جيڪو پهرين دور ۾ اُٺن وغيره تي ٿيندو هو، ان جو اندازو لڳايون ٿا، اڄ جي اندازي جي مطابق پراڻي زماني ۾ آرام سان جيڪو سفر ڪيو ويندو هو، 3 ڏينهن ۾ 92 ڪلوميٽر هوندو هو. جيڪڏهن اسان هن 85 هزار سالن جي سفر کي هن اندازي مطابق آڻيون ته اهو مجموعي سفر 95 ڪروڙ، 14 لک ۽ تقريبًا 34 هزار ڪلوميٽر جو سفر بڻجي ٿو. اهو اسان هڪ اندازي تي سڀ کان سست سفر ڪڍيو آهي.

هاڻي ڏسو: هن وقت سائنسي دور ۾ سڀ کان تيز رفتار شيءِ جنهن کي مڃيو ويو آهي، اها روشني آهي، روشني هڪ سيڪنڊ ۾ 3 لک ڪلو ميٽر سفر طئي ڪندي آهي، هاڻي 95 ڪروڙ ڪلو ميٽر سفر روشني ڪيتري دير ۾ طئي ڪندي؟ هن جو اندازو ڪيون ته تقريبًا روشني کي ايترو سفر ڪرڻ ۾ 53 منٽ لڳندا. پوءِ واپسي به اچڻو هجي ته 106 منٽ ٿي ويندا.

اللهُ اڪبر! اهو هڪ سادو اندازو آهي. دنيا جي سڀ کان تيز رفتار شيءِ جيڪڏهن لڳاتار هلندي رهي ته جنهن سفر کي تقريباً 2 ڪلاڪ ۾ طئي ڪري رهي آهي، پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم ايترو ئي نه بلڪ ان کان به گهڻو وڌيڪ سفر آرام آرام سان ڪيو. ۞ رستي ۾ رڪندا به رهيا ۞ نمازون به پڙهندا رهيا، ۞ ڪڏهن نبين جي امامت ڪرائي رهيا آهن، ۞ ڪڏهن فرشتن جي امامت ڪرائي رهيا آهن، اهڙي طرح آرام آرام سان سفر طئي ڪيو، وري واپس به آيا. پر رفتار جو عالم ڏسو! اڃا مبارڪ بسترو گرم آهي، دروازي جي ڪنڊي لُڏي رهي آهي، يعني دنيا جي سڀ کان تيز رفتار شيءِ کي جنهن سفر ۾ 2 ڪلاڪ لڳي رهيا آهن، آمنہ جا لعل صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم ان کان به وڌيڪ سفر طئي ڪري چند سيڪنڊن ۾ واپس به تشريف وٺي آيا.

سُبْحٰنَ الله! اعلىٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه چا تہ خوب چيو آهي!!...

شانِ خدا! نہ ساتھ دے، اُن کے خِرام کا وہ بَاز
سِدْرَہ سے تا زمیں جسے نَرْم سی اِک اُڑان ہے (1)

وضاحت: نرم نرم قدمن سان، ناز ۽ انداز سان هلڻ کي خِرام چئبو آهي. اعلىٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائي رهيا آهن: معراج جي رات سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم تہ خرام فرمائي رهيا هئا، نرم نرم قدمن سان ناز ۽ انداز سان جيئن گهوٽ هلندو آهي، اهڙيءَ ريت هلي رهيا هئا. پر الله جي شان ڏسو! ان جي باوجود اهي شهباز يعني حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام جيڪي اک ڇنڀ ۾ سِدره ڪان زمين تي ۽ زمين ڪان سدره تي پهچي ويندا آهن، جن جي پنهنجي اُڏام اهڙي ڪمال جي آهي، اهي مصطفىٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جي خرامِ ناز جو ساٿ نہ ڏئي سگهيا. جيڪڏهن حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم پنهنجي نوراني ۽ نبوي پرواز فرمائن ها تہ پوءِ رفتار جو ڪهڙو عالم هجي ها...؟

## جسمِ پاڪ جي لطافت (نزاڪت)

پوءِ هن ئي جاءِ تي جسمِ پاڪ جي لطافت تي بہ غور ڪريو! اسان ڪيترائي ڀيرا ٻڌو آهي، روايتن ۾ اها ڳالهہ موجود آهي تہ معراج جي رات جڏهن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم سدرة المنتهيٰ تي پهتا، حضرت جبرائيلِ اَمين عَلَيۡهِ السَّلَام رڪجي ويا. حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم پڇيو: جبرائيل! اڳتي ڇو نٿا وڃو؟ عرض ڪيو: لَوْ دَنَوْتُ اُنْمُلَةً لَاِحْتَرَقْتُ، يعني يارسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم! جيڪڏهن مان هڪ آڱر جيترو بہ اڳتي وڌيس تہ مان سڙي ويندس، ان ڪري مان هتي ئي رهان ٿو، اوهان اڳتي تشريف وٺي وڃو[2]!

---

[1]...حدائقِ بخشش، صفحہ:179۔

[2]... شرح الشفاءملا علی قاری، جلد:1، صفحہ:440۔

سُبْحٰنَ الله! سوچڻ جي ڳالهہ آهي. حضرت جبرائيلِ امين عَلَيۡهِ السَّلام سراپا نور آهن، انهن جي تخليق ئي نور مان ٿيل آهي، اڳتي جتي وڃڻو آهي، اُتي بہ نور جون ئي تجليون آهن، پر اهي تجليون اهڙيون آهن جو ملائڪن جا سردار حضرت جبرائيلِ اَمين عَلَيۡهِ السَّلام هڪ انچ جيترو بہ ان تجلي ڏانهن وڌن تہ سڙي وڃن ٿا پر قربان وڃون! محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم روحاني طور تي نہ، جسمِ پاڪ سان گڏ اڳتي وڌن ٿا، نور جون اهي تجليون نہ صرف جسمِ پاڪ، بلڪ سندن لباس جي ڪنهن ڌاڳي کي بہ نقصان ناهن پهچائي رهيون. انهيءَ مان خبر پئي تہ حضرت جبرائيلِ اَمين عَلَيۡهِ السَّلام جيڪي روحُ القدس آهن، ۽ سراپا نور آهن، انهن جي نور ۾ اها لطافت نہ آهي جيڪا محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جي جسم پاڪ ۾ لطافت آهي. جڏهن هي جسم جي لطافت جو عالم آهي تہ سوچو! پاڪ روح جي لطافت جو عالم ڇا هوندو...؟

## (2-3) ٻُڌڻ ۽ ڏسڻ جي طاقت مُبارڪ

حديث پاڪ جي مشهور ڪتابن ترمذي، ابن ماجہ ۽ مسند امام احمد جي روايت آهي: هڪ ڏينهن سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم فرمايو: بيشڪ، مان اهو ڏسان ٿو جيڪو اوهان نٿا ڏسو، مان اهو ٻڌان ٿو جيڪو اوهان نٿا ٻڌو. بيشڪ آسمان چرڙاٽ ڪرڻ لڳو ۽ ان جو حق آهي تہ اهو چرڙاٽ ڪري ڇو تہ آسمان تي چار آڱرين جيتري بہ جاءِ اهڙي نہ آهي جتي ڪو ملائڪ پنهنجي پيشاني رکي ربّ ڪريم جي حضور سجدو نہ ڪري رهيو هجي.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڀهرين تہ نگاهِ مصطفيٰ جو ڪمال ڏسو! زمين تہ زمين رهي، آسمان زمين کان ڪيئي ڀيرا وڏو آهي ۽ سرڪارِ عالي وقار،

[1] ترمذی، کتاب الزہد، باب فی قول النبی:لوتعلمون ماعلم،صفحہ :554،حدیث:2312۔

مکي مدني تاجدار صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم زمين تي رهي ڪري آسمان جو مشاهدو فرمائي رهيا آهن. ۽ ڏسو! ڪيترو گهرو مشاهدو آهي تہ آسمان جي چار آڱرين جيتري بہ جاءِ اهڙي نہ آهي جيڪا نگاهِ مصطفیٰ کان لڪيل هجي. رسولِ رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم زمين تي ويهي ڪري ڏسي رهيا آهن تہ آسمان تي چار آڱرين جيتري بہ جاءِ خالي نہ آهي جتي ڪو ملائڪ پنهنجي پيشاني رکي ربّ ڪريم جي حضور ۾ سجدو نہ ڪري رهيو هجي.

پوءِ سماعتِ مصطفیٰ جو بہ ڪمال ڏسو! آسمان هتان کان هزارين ڪلوميٽر پري آهي، اسان جهڙن عام انسانن کي تہ ٻئي ڪمري ۾ وينل ماڻهن جي آواز بہ ٻڌڻ ۾ ناهي ايندي ۽ سرورِ عالَم، نورِ مجسم صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جا مبارڪ ڪن اهڙا آهن جو زمين تي ويهي ڪري هزارين ڪلوميٽر پري آسمان جي چرڙاٽ جي بہ آواز ٻڌي وٺن ٿا.

دُور و نزدیک کے سننے والے وہ کان | کانِ لعلِ کرامت پہ لاکھوں سلام[1]

وضاحت: پياري آقا، مديني واري مصطفیٰ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جي مبارڪ ڪنن جو هي معجزو آهي تہ پري ۽ ويجهو کان برابر ٻڌن ٿا. اهڙا مبارڪ ڪن جيڪي عزت ۽ عظمت جي موتين جو سرچشمو آهن، انهن مبارڪ ڪنن تي لکين سلام هجن.

## (4) چکڻ جي طاقت مبارڪ

ابوداؤد شريف ۾ حديث پاڪ آهي. هڪ ڀيرو هڪ صحابيہ رَضِیَ اللهُ عَنۡهَا پياري آقا صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دعوت ڪئي. پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُم کي ساڻ ڪري سندن گهر پهتا، کاڌو حاضر ڪيو ويو. پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بِسْمِ الله پڙهي ڪري هڪ گرهہ کنيو، سندن کي ڏسي ڪري صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُم بہ کاڌي

[1]...حدائقِ بخشش،صفحہ 300۔

ڏانهن هٿ وڌايا. گرهه وات ۾ وڌا، پر اوچتو ڏنائون ته پاڻ ﷺ ان هڪ ئي گرهه کي وات ۾ ڦيرائي رهيا آهن، گرهه اندر نه پيا لاهين. ڪجهه دير بعد فرمايائون: اَجِدُ لَحْمَ شَاةٍ اُخِذَتْ بِغَيْرِ اِذْنِ اَهْلِهَا هي اُن ٻڪري جي گوشت جو ذائقو آهي، جنهن کي مالڪ جي اجازت کان بغير ذبح ڪيو ويو آهي.

هي ٻڌي ڪري صحابہ ڪرام رضي الله عنهم به هٿ روڪي ڇڏيا. دعوت ڪندڙ صحابيه کي سڏايو ويو ۽ پڇيو ويو ته: ”ٻڪري ڪٿان آئي هئي؟ عرض ڪيائون: يارسولَ الله ﷺ! مون ٻڪري خريدڻ لاءِ ڪنهن کي موڪليو هو، پر ٻڪري نه ملي. دعوت ته مان اوهان جي ڪري چڪي هئس، ان ڪري پاڙيواريءَ(عورت) وٽ پيغام موڪليم ته رقم وٺو ۽ پنهنجي ٻڪري مون کي ڏئي ڇڏيو. قسمت اهڙي جو پاڙيواريءَ جو مڙس گهر ۾ نه هو، سندس گهرواري ان جي اجازت جي بغير مون کي ٻڪري ڏني. اها ٻڪري ته جائز طريقي سان ورتي وئي هئي پر ان جي اصل مالڪ ( يعني پاڙيواريءَ جي مڙس) کان اجازت نه ورتي وئي هئي.

اللّٰهُ اڪبر! چکڻ جي طاقت ڏسو! اسان ڪو گرهه وات ۾ رکون ۞ اهو گرم آهي يا ٿڌو آهي، اسان کي خبر پئجي ويندي. ۞ مزيدار آهي يا نه، اهو اسان سمجهي وينداسين. ۞ لوڻ گهٽ آهي يا وڌيڪ، هي به اسان ڄاڻي وينداسين. ۞ ڪو ماهر باورچي هجي ته شايد هي به سمجهي وڃي ته ڪاڏي ۾ ڪهڙيون شيون شامل ڪيون ويون آهن پر ڇا عجيب ڳالهه ناهي ته پيارا آقا ﷺ وات ۾ گرهه وجهن ٿا، زبان مبارڪ سان چکن ٿا ته ان جو صرف ذائقو ئي نه، گرم يا ٿڌو هجڻ ئي نه، بلڪ هي به پتو پئجي رهيو آهي ته هي ٻڪري جنهن کي ذبح ڪيو ويو آهي، ٻوڙ ناهيو ويو آهي، اها ٻڪري مالڪ جي اجازت سان

ذبح ڪئي وئي هئي يا بغير اجازت جي حاصل ڪئي وئي آهي. سُبْحٰنَ الله! هي آهي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چکڻ جي طاقت...!

## (5) ڇُهڻ جي طاقت مبارڪ

هاڻي ٿورو ڇُهڻ جي طاقت تي غور ڪريو! حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جيڪي مشهور صحابيءِ رسول آهن ۽ عَشَرَه مُبَشَّرَه (يعني جنت جي خوشخبري ماڻڻ وارن صحابہ ڪرام) مان آهن، فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو مان بيمار ٿي پيس، پياري نبي، مڪي مدني، مُحمّد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عيادت لاءِ تشريف فرما ٿيا. صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم ڪيترا خوش نصيب هئا جو جڏهن بيمار ٿي ويندا هئا تہ ٻنهي جهانن جا تاجدار عيادت لاءِ تشريف کڻي ايندا هئا.

سرِ بالیں انہیں رحمت کی ادا لائی ہے | حال بگڑا ہے تو بیمار کی بن آئی ہے

حضرت سعد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي سيني مبارڪ تي هٿ رکيو، اهڙو باڪمال هٿ...!! واهہ! ان جي ٿڌاڻ مون کي دِل تي محسوس ٿي.

ڪاش! اها سعادت ڪڏهن اسان غلامن کي بہ نصيب ٿئي!!...

دِل کرو ٹھنڈا مرا، وہ کفِ پا چاند سا | سینے پہ رکھ دو ذرا تم پہ کروڑوں درود

خير! حضرت سعد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي سيني تي هٿ رکيو، پوءِ فرمايائون: توکي دل جي بيماري آهي، حارِث ثَقَفِي وٽ وڃ! اُهي طبيب آهن. کين چئو تہ عجوه کجور کوکڙي سميت پيهي کري توکي پيئارين. ان سان توکي آرام اچي ويندو.'' (1)

---

[1]... ابو داود، كتاب الطب، باب في تمرة العجوة، صفحہ:610، حديث:3875۔

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي غور ڪريو! هاڻي ته سائنسي دور آهي، جديد ٽيڪنالاجي اچي چڪي آهي، پوءِ به جڏهن ڪنهن کي دل جي بيماري ٿئي ٿي ته سڀ کان پهرين E.C.G ٿيندي آهي، ان مان خبر پوندي آهي ته دل بيمار به آهي يا نه. جيڪڏهن رپورٽ اچي ته دل ۾ ڪو مسئلو آهي ته اِيڪو ٽيسٽ ڪئي ويندي آهي، انجيوگرافي ڪئي ويندي آهي، پوءِ خبر پوندي آهي ته دل ۾ مسئلو ڇا آهي. پوءِ ان کان بعد علاج جو عمل شروع ٿيندو آهي. قربان وڃجي! ٻنهي جهانن جي طبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪهڙي نرالي شان آهي، سيني تان ڪپڙو به ناهي هٽايو، مٿان ئي کان هٿ مبارڪ رکيو، E.C.G به ٿي وئي، اِيڪو ٽيسٽ به ٿي وئي، انجيوگرافي به ٿي وئي ۽ علاج به تجويز ڪيو ويو.

## (6) سونگهڻ جي طاقت مبارڪ

مسلم شريف ۾ حديث پاڪ آهي. حضرت ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسلمان ۽ غير مسلم جي روح قبض ٿيڻ جو حال بيان ڪيو، فرمايائون: جڏهن مؤمن جو روح قبض ڪيو ويندو آهي ته آسمان وارا فرشتا چوندا آهن: اڄ زمين مان ڪيتري پياري خوشبو اچي رهي آهي ۽ جڏهن غير مسلم جو روح بدن مان ڪڍيو ويندو آهي ته ان مان بدبو پکڙجي ويندي آهي ۽ آسمان وارا چوندا آهن: هي زمين مان ڪيتري بري بدبو اچي رهي آهي. حضرت ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هيءُ فرمايو ته پنهنجي چادر مبارڪ جو ڪنارو نڪ تي اهڙي نموني رکيائون، ڄڻ ته پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بدبو اچي رهي هئي. (1)

الله! الله! هي آهي سنگهڻ جي طاقت...!! اسان کي خبر آهي ته خوشبو هجي يا بدبو هجي، ان جي باري ۾ صرف سوچڻ سان ڪو اثر ناهي ٿيندو، مثال طور،

---

[1]... مسلم، کتاب الجنة و صفة...الخ، باب عرض مقعد الميت...الخ، صفحہ:1100، حديث:2872۔

توهان جيڪا خوشبو استعمال ڪندا آهيو، توهان ان خوشبوءَ جي شيشي کي هٿ ۾ نہ ورتو، ڪپڙن تي نہ لڳايو، صرف ويهي ڪري ان خوشبوءَ جو نالو وٺڻ شروع ڪيو، ڇا توهان کي خوشبو اچي ويندي؟ ڇا ڪپڙا معطر ٿي ويندا؟ ڇا نڪ ۽ سونگهڻ جي حواس کي تسڪين ملندي؟ نہ...!! ائين ناهي ٿيندو. توهان کي خوشبو سونگھڻي ۽ لڳائڻي پوندي، پوءِ خوشبو ايندي بلڪ اسان جو حال تہ اهو آهي جو اسان خوشبو لڳائي بہ وٺون تہ ٿوري دير کان پوءِ محسوس ٿيڻ بند ٿي ويندي آهي، قربان وڃون! آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمجي سونگهڻ جي طاقت مبارڪ تي...!! ڪو غير مسلم مئو ناهي، ان جي روح قبض ناهي ڪئي وئي، ان مان بدبوءِ پکڙجي ناهي، صرف حضور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡھُم کي ٻڌايو آهي تہ جڏهن غير مسلم جي روح نڪري ويندي آهي تہ ان مان بدبو پکڙجي ويندي آهي، صرف زبان مبارڪ سان اهو چيو ئي هو، پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کي اها بدبو محسوس ٿيڻ شروع ٿي وئي ۽ سندن مبارڪ نڪ تي ڪپڙو رکي ڇڏيو.

اها آهي اسان جي پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمجي سونگهڻ جي طاقت...!! قرآنِ پاڪ ۾ ذڪر آهي تہ حضرت يوسف عَلَیۡہِ السَّلَام جو ڪرتو مبارڪ مصر کان هليو هو، حضرت يعقوب عَلَیۡہِ السَّلَام کي ڪَنۡعان ۾ ويني ميلن جي مفاصلي تان ان جي خوشبو محسوس ٿي وئي هئي، اهو بہ وڏو ڪمال آهي...!! پر سوچيو تہ سهي اتي جيتوڻيڪ ميلن جو فاصلو آهي پر خوشبو موجود تہ آهي، هتي خوشبو يا بدبوءِ موجود ئي ناهي، رڳو ان جو نالو ورتو آهي ۽ محسوس ٿيڻ شروع ٿي وئي آهي...!!

## بيان جو خلاصو

سُبۡحٰنَ اللہ! اهي آهن منهنجي آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جا شان...!! مطلب تہ: الله پاڪ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کي هر لحاظ کان سڀني مخلوقَ

کان بلند شان پنھنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عطا فرمايا آھن، سندن شان ڪيئي درجا وڏايو آھي. ❁ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نبين جو نبي بڻايو، ❁ سيني نبين کي سندن اچڻ جي خوشخبري ٻڌائڻ لاءِ موڪليو، ❁ سيني نبين کي جيڪي شان عطا ڪيا سي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ ڏنا ويا. ❁ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنھنجو حبيب بڻايو. ❁ جسماني لحاظ کان ڏسو تہ، ❁ جھڙي ڏسڻ جي طاقت حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عطا ڪئي وئي، اھا ڪنھن کي بہ عطا نہ ٿي، ❁ جيڪا رفتار مبارڪ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏني وئي، اھا ڪنھن کي بہ نہ ملي، ❁ جيتري لطافت ۽ نورانيت کين بخشي وئي، اھا بہ ڪنھن کي نہ ملي، ❁ جيڪا ڏسڻ، ٻڌڻ، چکڻ، سونگھڻ ۽ ڇُھڻ جي طاقت سندن کي عطا ڪئي وئي، اھڙيون باڪمال ۽ بي مثال طاقتون ٻي ڪنھن کي عطا نہ ٿيون آھن. مطلب تہ، انھن نرالي شانن کي ڏسي ڪري اسان کي چوڻو پوندو آھي:

| | |
|---|---|
| سب سے اولٰی و اعلٰی ہمارا نبی | سب سے بالا و والا ہمارا نبی |
| اپنے مولٰی کا پیارا ہمارا نبی | دونوں عالَم کا دولہا ہمارا نبی |
| جس کو شایاں ہے عرشِ خُدا پر جلوس | ہے وہ سلطانِ والا ہمارا نبی |
| جس کے تلووں کا دھون ہے آبِ حیات | ہے وہ جانِ مسیحا ہمارا نبی |
| خلق سے اولیا، اَولیا سے رُسُل | اور رسولوں سے اعلٰی ہمارا نبی |
| ملکِ کونین میں انبیا تاجدار | تاجداروں کا آقا ہمارا نبی |
| سارے اچھوں سے اچھا سمجھئے جسے | ہے اس اچھے سے اچھا ہمارا نبی |
| سارے اُونچوں سے اُونچا سمجھئے جسے | ہے اس اُونچے سے اُونچا ہمارا نبی |

سُبْحٰنَ اللّٰه! اي عاشقانِ رسول! ھي سرڪار عالي وقار، مڪي مدني

تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪجھ شانن جو مختصر بيان آهي، حق تہ اهوئي آهي تہ

زندگياں ختم ہوئيں اور قلم ٹوٹ گئے | تیرے اَوصاف کا اِک باب بھی پورا نہ ہوا

سيّدي اعليٰ حضرت جھڙي بلند رُتبہ عالمِ دين سڄي زندگي نعتون لکيون، بالآخر اهوئي چيو:

تیرے تو وَصفِ عیبِ تَناہی سے ہیں بَری
حیراں ہُوں میرے شاہ میں کیا کیا کہوں تجھے (1)

وضاحت: يعني اوصاف جو ختم ٿي وڃڻ بہ هڪ قسم جو عيب آهي، يارسولَ الله صَلَّى الله عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان جا اوصاف ۽ ڪمالات اهڙا آهن جو "ختم ٿيڻ" واري عيب کان بہ پاڪ آهن، اي منهنجا باڪمال آقا، بي مثال آقا صَلَّى الله عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ! مان حيران آهيان تہ اوهان جا ڪھڙا ڪھڙا شان بيان ڪيان.

هڪ هنڌ فرمائن ٿا:

اے رضا خود صاحِبِ قرآں ہے مَدَّاحِ حضور
تجھ سے کب ممکن ہے پھر مِدحت رسولُ اللہ کی (2)

جن جي تعريف رب ڪائنات قرآن ۾ فرمائي ٿو ان جي تعريف جو حق اسان جھڙا غلام ڪيئن ٿا ادا ڪري سگھن.....؟ بس اسان کي اها ئي تمنّا ڪرڻ گھرجي تہ الله پاڪ اسان کي اهڙي عظيم الشان، بي مثل و بي مثال، آقا صَلَّى الله عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جو سچو غلام، باعمل ۽ شڪر گذار اُمتي بڻجڻ جي توفيق عطا فرمائي! ڪاش! دل ۾ عشقِ مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جا اهڙا ڏيئا ٻرن جو دنيا تہ ڇا قبر بہ اُن ڏيئن کان روشن ٿي وڃي.

لحد میں عشقِ رُخِ شَہ کاداغ لے کے چلے | اندھیری رات سنی تھی، چراغ لے کے چلے (1)

---

[1]...حدائقِ بخشش،صفحہ:175۔

[2]...حدائقِ بخشش،صفحہ:153۔

وضاحت: ٻڌو آهي قبر جي رات انڌيري آهي، سو اسان دل ۾ عشقِ رسول سجائي ورتو، هي ئي اهو چراغ آهي، جيڪو انڌيري قبر کي روشن ڪري ڇڏيندو.

## جشنِ ولادت جي خوشي ۾ روزو رکو!

پيارا اسلامي ڀائرو! پنهنجي آقا، ڪريم آقا، رحيم آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنت کي ادا ڪندي، جشنِ ولادت جي خوشي ۾ روزو رکڻ جي ڪوشش ڪريو.

ياد رکو، هي نفل روزو آهي، جنهن کان ٿي سگهي، طبيعت اجازت ڏئي تہ روزو ضرور رکڻ گهرجي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: جنهن ثواب جي اُميد رکندي هڪ نفل روزو رکيو، الله پاڪ کيس دوزخ کان 40 سال (جي مسافت برابر) پري ڪري ڇڏيندو.[2] معجمِ ڪبير جي روايت ۾ آهي: جنهن هڪ نفل روزو رکيو، سندس لاءِ جنت ۾ هڪ وڻ لڳايو ويندو، جنهن جو ميوو ڏاڙهون کان ننڍو ۽ صوف کان وڏو هوندو، اهو ماکي جهڙو منو ۽ خوش ذائقو هوندو، الله پاڪ قيامت جي ڏينهن روزيدار کي ان وڻ جو ميوو کارائيندو.[3]

## جشنِ ولادت ۽ جلوسِ ميلاد بابت مدني گل

اي عاشقانِ رسول! سياڻي ٻارهين شريف (يعني ربيع الاول جي 12 تاريخ) آهي. پياري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو جشنِ ولادت آهي. الحمد لله! صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عنهم بہ پنهنجي دور جي تقاضن مطابق ولادتِ مصطفيٰ جي خوشي ڪئي، هن نعمت تي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيائون. بلڪ خود اسان جي آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ پنهنجو

---

[1] ...حدائقِ بخشش، صفحه:369.
[2] مع الجوامع، جلد:7، صفحه:190، حديث:22251.
[3] معجم ڪبير، جلد:18، صفحه:366، حديث:935.

جشنِ ولادت ملهائيندا هئا. پاڻ سڳورا صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم سال ۾ هڪ ڀيرو نه پر هر هفتي يعني هر سومر شريف تي روزو رکي پنهنجو جشنِ ولادت ملهائيندا هئا.

اسان بہ اِنۡ شَآءَاللّٰهُ الۡكَرِيۡم! جشنِ ولادت وڏي شان سان ملهائينداسين.

جشنِ ولادت جي خوشي ۾ صاف سترا ڪپڙا پائينداسين، تيار ٿي جلوسِ ميلاد ۾ بہ شرڪت ڪنداسين، آقا صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي آمد جا نعرا بہ لڳائينداسين ۽ اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! دنيا کي ٻڌائينداسين تہ اسان جي بي مثال آقا صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جو جشنِ ولادت آهي. الحمد للّٰه! اسان دل ۽ جان سان خوش بہ آهيون ۽ ربّ ڪريم جا شڪرگذار بہ آهيون.

منانا جشنِ میلادُالنبی ہرگز نہ چھوڑیں گے | جلوسِ پاک میں جانا کبھی ہرگز نہ چھوڑیں گے
لگاتے جائیں گے ہم یارسولَ اللہ کے نعرے | مچانا مرحبا کی دھوم بھی ہرگز نہ چھوڑیں گے
نبی کے نام پر سو جان سے قربان ہوجائیں | غلامانِ نبی ذِکرِ نبی ہرگز نہ چھوڑیں گے[1]

## جلوسِ ميلاد ۾ شرڪت ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! جلوسِ ميلاد ۾ وڏي جوش ۽ جذبي سان شرڪت ڪنداسين. ❁ جلوسِ ميلاد ۾ گاڏين، موٽر سائيڪلن ۽ پيادل هر طريقي سان ڀرپور تياري سان شرڪت ڪئي وڃي. ❁ جلوسِ ميلاد ۾ نظم ۽ ضبط (Discipline) جو ڀرپور مظاهرو ڪيو. ❁ جلوسِ ميلاد ۾ اهي ئي نعتون ۽ نعرا لڳايا وڃن جيڪي پاڪستان مشاورت آفيس يا صوبائي آفيس طرفان جاري ڪيا وڃن. هر يونين ڪائونسل(UC) ، وارڊ ۽ ٽائون جا نگران ۽ ذميوار پنهنجو الڳ بينر تيار ڪن، جنهن تي پنهنجي UC، وارڊ يا ٽائون جو نالو لکيل هجي.

---

[1]...وسائل بخشش، صفحه:414-415ملتقطاً۔

12ربيع الاول جي ڏينهن، ظهر کان عصر تائين جلوسِ ميلاد ۾ سڀ ذميدار ۽ شعبي وارا مرحبا يا مصطفیٰ جا نعرا لڳائيندي شاندار طريقي سان اوّل کان آخر تائين شرڪت ڪن. شعبن جا 2 اسلامي ڀائر پنهنجي شعبي جو بينر ڪٽي اڳيان هلندا ۽ باقي اسلامي ڀائر انهن جي پنيان سادگيءَ سان، مٿو جهڪائيءَ، مدني پرچم ڪٽي ۽ زبان تي نعتن جا نغما سجائي، نهايت ئي پُروقار انداز ۾ شرڪت ڪن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب!   صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## نماز پڙهڻ جا فائدا ۽ نہ پڙهڻ جا نقصان

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدُ للّٰه! اسان جشنِ ولادت ملهائڻ وارا بہ آهيون ۽ نمازي بہ آهيون. نماز اسان جي آقاءِ مديني واري مصطفیٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جي اکين جي ٺڏاڻ آهي. انهيءَ لاءِ نماز جو پورو پورو خيال رکڻ ضروري آهي، خاص ڪري ميلاد شريف ۽ جلوسِ ميلاد جي مصروفيتن ۾ نماز جا وقت ياد رکيا وڃن. ائين نہ ٿئي جو ميلاد جون خوشيون ملهائيندي (معاذَ اللّٰه!) نمازون قضا ٿي وڃن. ۞ نماز اَوَّلين فريضو آهي ۞ نماز قبر جي انڌيريءَ ۾ روشني آهي ۞ نماز قبر جي عذاب کان بچائي ٿي۞ نماز قيامت جي سخت گرمي ۾ ڇانوَ آهي ۞ نماز پلصراط کي پار ڪرڻ ۾ مددگار آهي۞ نماز دوزخ جي عذاب کان بچائي ٿي ۞ نماز سان رحمت نازل ٿيندي آهي۞ نماز گناهن جي معافي جو سبب بڻجي ٿي۞ نماز دعائن جي قبوليت جو ذريعو آهي۞ نماز بيمارين کان بچائي ٿي۞ نماز سان جسم کي آرام ملي ٿو۞ نماز سان روزيءَ ۾ برڪت ٿئي ٿي۞ نماز بيحيائي ۽ بُرن ڪمن کان روڪيندي آهي ۞ نماز قربِ خدا ۽ قربِ مصطفیٰ جو سبب بڻجي ٿي.

الله پاڪ اسان سيني کي پڪو سچو نمازي بڻائي ۽ سچو عاشقِ رسول ۽ پڪو ميلادي بہ بڻائي رکي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

| | |
|---|---|
| ہر عبادت سے برتر عبادت نماز | ساری دولت سے بڑھ کر ہے دولت نماز |
| قلبِ غمگیں کا سامانِ فرحت نماز | ہے مریضوں کو پیغامِ صحّت نماز |
| پیارے آقا کی آنکھوں کی ٹھنڈک ہے یہ | قلبِ شاہِ مدینہ کی راحت نماز |
| بھائیو! گر خدا کی رِضا چاہئے | آپ پڑھتے رہیں باجماعت نماز |

## قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪريو!!!...

اي عاشقانِ رسول! اڄ اسان جنهن جو جشنِ ولادت ملهائي رهيا آهيون، انهن تي قرآنِ ڪريم نازل ٿيو، اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ڪثرت سان قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندا هئا. هڪ روايت ۾ آهي: منهنجي اُمت جي سيني ڪان افضل عبادت قرآن جي تلاوت آهي.(1)

لہٰذا اسان کي بہ ڪثرت سان قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪرڻ جي عادت وجهڻي آهي. قرآنِ ڪريم جي تلاوت بہ ڪريو ۽ قرآنِ ڪريم صحيح پڙهڻ بہ سکي وٺو. افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ اڄ ڪيترن ئي ماڻهن کي صحيح تجويد ۽ مخارج سان قرآنِ ڪريم پڙهڻ نٿو اچي. اَلحَمۡدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي قرآنِ ڪريم جو فيضان عام ڪندڙ هڪ ديني تحريڪ آهي. قرآنِ ڪريم صحيح پڙهڻ سکڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي شعبي مدرسةُالمدينہ بالغان جو فيضان حاصل ڪريو! مدرسة المدينہ بالغان ۾ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن کي تجويد سان قرآنِ ڪريم پڙهڻ سيکاريو وڃي ٿو ۽ گڏ و گڏ بنيادي ضروري احڪام ۽ مسئلا ۾

---

[1]...شُعَبُ الْاِیْمان، باب:تعظيم قرآن، جلد:2، صفحہ:347، حديث:2004۔

سنتون ۽ آداب بہ سيکاريا وڃن ٿا. اوهان بہ مدرسة المدينہ بالغان ۾ شرڪت ڪريو ۽ تجويد سان قرآنِ ڪريم پڙهڻ سکو.

الٰہی خوب دے شوق قرآں کی تلاوت کا | شَرَف دے گنبدِ خضرا کے سائے میں شہادت کا

## مدني مذاڪري ۽ مدني قافلي جي ترغيب

اي عاشقانِ رسول! دل ۾ عشقِ رسول وڌائڻ، نيڪ بنجڻ ۽ ايمان جي حفاظت جو ذهن حاصل ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ رهو ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن ۾ ڀرپور حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!، نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جو ذهن ٺهندو.

الحمد لله! شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي نمازِ عشاء کان بعد مدني چينل تي براهِ راست مدني مذاڪرو ڪندا آهن. هزارين عاشقانِ رسول پنهنجي UC ، ٽائون، ۽ شهرن ۾ گڏجي مدني مذاڪرو ڏسڻ جو اهتمام ڪندا آهن، ۽ مدني چينل يا سوشل ميڊيا (مثلاً يوٽيوب، فيس بڪ وغيره) جي ذريعي تہ دنيا ۾ نہ ڄاڻ ڪٿي ڪٿي مدني مذاڪرو ڏٺو وڃي ٿو. توهان بہ مدني مذاڪري ۾ پابندي سان شرڪت ڪندا ڪريو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!، علمِ دين سکڻ لاءِ ملندو ۽ دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلائيون نصيب ٿينديون.

اڄ جي دور ۾ نيڪ نمازي بنجڻ، سنتون سکڻ ۽ دين جو پيغام عام ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ نهايت مفيد آهي. الحمد لله! 3 ڏينهن، 12 ڏينهن، هڪ مهينو ۽ 12 مهينن جا مدني قافلا وقت بوقت سفر ڪندا رهن ٿا. توهان بہ مدني قافلي جا مسافر بڻجو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!، اخلاق سنورجندا، نيڪين جي طرف لاڙو وڌندو، عشقِ رسول جي دولت نصيب ٿيندي ۽ زندگي ۾ مدني انقلاب اچي ويندو. اچو! ترغيب لاءِ مدني بهار ٻڌون ٿا.

## دِل جي حالت تبديل ٿي وئي

فيصل آباد (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ اچڻ کان اڳ مان بگڙيل ڪردار جو مالڪ هُيس. ڪوڙ، غيبت، چغلي، بدنگاهي جهڙا گناهه منهنجي معمول جو حصو هئا، مون مارشل آرٽ سکيو هو، جنهن جي زور تي ماڻهن سان بغير ڪنهن سبب جي جهيڙو ڪندو هوس، هر نئين فيشن (Fashion) کي اپنائڻ منهنجو شوق هو. افسوس! نماز سان ايترو پري هئس جو مون کي اها به خبر نه هئي ته ڪهڙي نماز جون ڪيتريون رڪعتون هونديون آهن. آخرڪار رحمت جو دروازو کليو ۽ منهنجي قسمت ايئن چمڪي جو دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي دعوت ڏني. دوست جي ڳالهه نه ٽاري سگهيس ۽ ٽي ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافر ٿي ويس. مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت سان مون کي زندگي جو مقصد معلوم ٿيو. پنهنجن گناهن تي شرمندگي ٿي، منهنجي اکين مان غفلت جو پردو هٽي ويو، دل جي حالت تبديل ٿي وئي، مون گناهن کان توبهه ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ زندگي گذارڻ لڳس.

دل کی کالک دُھلے مرضِ عصیاں ٹلے | آؤ سب چل پڑیں قافلے میں چلو
کر سفر آئیں گے، تو سُدھر جائیں گے | اب نہ سُستی کریں، قافلے میں چلو[1]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مختلف ايپلي ڪيشن جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله! دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي به

[1]…وسائل بخشش، صفحه:669-672.

نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مَصرُوفِ عَمَل آهي. دعوتِ اسلامي I.T ڊيپارٽمنٽ جي تحت هينئر تائين ڪيترين ئي موبائل ايپلي ڪيشنون ٺاهي ڪري لانچ ڪري چڪي آهي: (1) تفسيرِصِراطُ الجنان موبائل ايپلي ڪيشن: قرآن ڪريم پڙهڻ، ان کي سمجهڻ ۽ قرآن ڪريم جو فيضان ماڻڻ جي لاءِ هڪ زبردست ۽ نرالي ايپلي ڪيشن آهي، ان جي ذريعي قرآن پاڪ ترجمي ۽ تفسير سان گڏ پڙهي ڪري قرآن جي نُور سان سينو روشن ڪري سگهجي ٿو. (2) فيضانِ حديث موبائل ايپلي ڪيشن: وڏي پياري ايپلي ڪيشن آهي، ان جي ذريعي توهان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون حديثون ۽ انهن جي شرح پڙهي سگهو ٿا هن وقت ايپلي ڪيشن ۾ حديثِ پاڪ جي مشهور ڪتاب مِشكٰوةُ المَصَابِيح ۽ ان جي آسان اُردو شرح مِراٰةُ المَنَاجِيح شامل ڪيون ويون آهن، عنقريب ان ۾ حديث پاڪ جون مزيد ڪتابون به شامل ڪيون وينديون. هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان توهان احاديثِ ڪريمہ کي ڪتابي صورت ۾ (يعني جلدن جي اعتبار سان) به پڙهي سگهو ٿا ۽ مختلف موضوعن جي اعتبار سان پنهنجي گهرج واري موضوع جو به مطالعو ڪري سگهو ٿا، هن ايپلي ڪيشن ۾ سرچ آپشن جي سهولت به موجود آهي، جنهن جي ذريعي ڪا به حديث ۽ ان جي شرح ڳولهي سگهجي ٿي. (3) بهارِ شريعت موبائل ايپلي ڪيشن: هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي ديني مسئلا پڙهي ۽ سکي سگهجن ٿا. (4) مولانا الياس قادري موبائل ايپلي ڪيشن: هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي توهان ڄاڻي سگهو ٿا: اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو مختصر تعارف ❁ مختلف موضوعن تي جڙيل Category Wise مدني مذاڪري جا سوالَ ۽ انهن جا جوابَ ❁ اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي آفيشل سوشل نيٽ ورڪ اڪائونٽ.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڏاڙهي رکڻ سُنَّتِ مصطفيٰ آهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مُڇيون ڪترايو ڏاڙهيون وڌايو مجوسين جي مخالفت ڪيو! ( مسلم، كتابُ الطهارت، باب:خِصَالُ الْفِطْرَة، صفحہ:153، حديث:257۔)

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏاڙهي رکڻ سُنّتِ مصطفيٰ بلڪ سُنّتِ انبياء آهي ❁ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏاڙهي مبارڪ هميشہ هڪ مُٺي جي مقدار رهندي هئي ❁ جيڪڏهن هڪ مُٺي جي مقدار کان وڌي ويندي هئي تہ گهٽ ڪرائيندا هئا ❁ رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏاڙهي مبارڪ ويڪر ۾ اهڙي هئي جو سيني مُبَارَڪ کي پري ڍڪيندي هئي.( انوارِ جمالِ مصطفےٰ، صفحہ:157 خلاصۃً)

❁ اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏاڙهي ڪترائڻ ۽ مڇيون وڌائڻ کي سخت ناپسند ڪندا هئا ❁ بهارِ شريعت ۾ آهي: ڏاڙهي ڪترائڻ يا هڪ مُٺي کان گهٽ ڪرڻ حرام آهي.( بہارِ شريعت، حصہ:16، جلد:2، صفحہ:586۔)

---

[1]...تاريخِ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

سنتیں سیکھنے تین دِن کے لئے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد